
قرآني بيان

# سعادت مند ڪير؟

(سيپارو:12، سوره هود:108)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

20 فيبروري، 2026ء
(متوقع اسلامي تاريخ: 2 رمضان شريف1447ھ)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبا امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
20 فيبروري، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ:2 رمضان شريف 1447ھ)
جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان
بنام

(سيپارو 12، سوره هود:108)

# سعادت مند ڪير؟

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... سعادت مند جون نشانيون
- ... صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم ۽ نيڪي جي محبت
- ... رمضان ڪريم ۾ مصطفيٰ جي هڪ اَدا
- ... سيده خاتونِ جنّت رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جو ذڪرِ خير

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود نہ پڙهڻ وارو بدبخت آهي

سُلطان مڪہ، تاجدار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جنهن رمضان جو مهينو پاتو ۽ ان جا روزا نہ رکيا اهو شخص شقي (يعني بدبخت) آهي ۞ جنهن پنهنجي والدين يا ڪنهن هڪ کي پاتو ۽ انهن سان سنو سلوڪ نہ ڪيو اهو بہ شَقِي (يعني بدبخت) آهي ۞ ۽ جنهن وٽ منهنجو ذِڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود نہ پڙهيو اهو بہ شَقِي (يعني بدبخت) آهي. (1)

| | |
|---|---|
| ڪعبہ کے بدرُ الدُّجیٰ تم پہ کروڑوں درود | طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروڑوں درود |
| تم سے جہاں کا نِظام، تم پہ کروڑوں سلام | تم پہ کروڑوں ثنا، تم پہ کروڑوں درود (2) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰی فِی الْقُرْاٰنِ الْكَرِیْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ اَمَّا الَّذِیْنَ سُعِدُوْا فَفِی الْجَنَّةِ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ عَطَآءً غَیْرَ مَجْذُوْذٍ ﴿۱۰۸﴾ (پاره:12، هود:108)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِیْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم

1 ... معجم اَوْسط، جلد:3، صفحہ:62، حديث:3871۔

2 ... حدائق بخشش، صفحہ:264-269 ملتقطًا۔

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اهي جيڪي خوش نصيب هوندا سي جنّت ۾ هوندا. هميشه ان ۾ رهندا جيستائين آسمان ۽ زمين رهندا پر جيڪو تنهنجو رب گهري. هيءُ اهڙي بخشش آهي جيڪا ڪڏهن ختم نه ٿيندي.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان جي خوش قسمتي آهي ته زندگي ۾ هڪ دفعو ٻيهر اسان کي عظمتن وارو، رحمتن وارو، برڪتن وارو، مغفرت وارو مهينو رمضان شريف نصيب ٿي ويو آهي.

يا خُدا ہم عاصیوں پر یہ بڑا اِحسان ہے
زِندگی میں پھر عطا ہم کو کیا رمضان ہے
اَبرِ رحمت چھا گیا ہے اور سماں ہے نور نور
فَضْلِ رَبّ سے مغفرت کا ہو گیا سامان ہے
ہر گھڑی رَحمت بھری ہے، ہر طرف ہیں برکتیں
ماہِ رمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے
یاالٰہی! تُو مدینے میں کبھی رمضاں دکھا
مُدّتوں سے دِل میں یہ عطّار کے ارمان ہے (1)

مبارڪ حديثن جي مطابق ۞ رمضان ڪريم جي پهرين ئي رات کان آسمانن جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين بند ناهن ٿيندا ۞ جيڪو ٻانهو ماهِ رمضان جي رات ۾ نماز پڙهندو آهي، الله پاڪ ان جي هر سجدي جي بدلي ۾ ان لاءِ 1500 نيڪيون لکندو آهي ۽ ان لاءِ جنت ۾ ڳاڙهي ياقوت جو گهر ٺاهيندو آهي ۞ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن رمضان ڪريم جي پهرين رات ايندي آهي ته الله پاڪ منهنجي امت ڏانهن رحمت جي نظر فرمائيندو آهي ۽ جنهن ڏانهن الله پاڪ نظرِ رحمت فرمائي، ان کي ڪڏهن به عذاب نه ڏيندو(2) ۞رمضان ڪريم ۾ افطار جي وقت روزانو 10 لک گنهگارن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي ۽ خميس جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني خميس جو

1... وسائل بخشش، صفحه:705-706 ملتقطًا۔
2... شُعَبُ الْاِیْمَان، الباب الثالث والعشرون فی الصيام، جلد:3، صفحه:303، حديث:3603۔

سچ لهڻ کان ونئي جمعي جو سچ لهڻ تائين) هر هر گهڙي ۾ 10، 10 لک ماڻهن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي ۽ هي سڀ مغفرت ماڻڻ وارا اهي آهن جن تي جهنم واجب ٿي چڪو هو. (1) پوءِ جڏهن رمضان ڪريم جي 29 هين رات ايندي آهي، تہ سڄي مهيني ۾ جيترا جهنم کان آزاد ڪيا ويا هئا، انهن جي مجموعي جي برابر هن هڪڙي رات ۾ آزاد ڪيا ويندا آهن. (2)

سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙي شان آهي رمضان ڪريم جي...!! الله پاڪ اسان کي ماهِ رمضان جون برڪتون حاصل ڪرڻ، هن ماهِ ذيشان جو خوب احترام ڪرڻ ۽ خوب خوب نيڪيون ڪمائڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيتِ ڪريم جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان ڪريم ملڻ بہ وڏي رحمت ۽ سعادت آهي، البته وڏو محروم آهي اهو ٻانهو جيڪو رمضان جو مهينو تہ ماڻي پر ان ۾ نيڪ عمل ڪري پنهنجي بخشش نہ ڪرائي سگهي. اسان ابتداء ۾ سيپارو:12، سورت هود جي آيت:108 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، سورهءِ هود جي هن مقام تي (يعني آيت:108 ۽ ان کان پهريان ڪجهہ آيتن ۾) ماڻهن جا 2 قسمَ بيان ڪيا ويا آهن، ارشاد ٿئي ٿو:

فَمِنۡهُمۡ شَقِيٌّ وَّسَعِيۡدٌ ﴿۱۰۵﴾ (سيپارو: 12، هود: 105)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ انهن مان ڪو بدبخت هوندو ۽ ڪو خوش نصيب هوندو.

يعني قيامت جي ڏينهن ماڻهن جا 2 ئي قِسمَ هوندا (1): شَقِي يعني گنهگار ۽ بدبخت و محروم ٻانهو (2): سَعَادت مند ٻانهو. (3) مطلب هي تہ قيامت جي ڏينهن

1... شُعَبُ الْاِيْمَان، الباب الثالث والعشرون فى الصيام، جلد:3، صفحہ:336، حديث:3694۔
2... كَنزُ الْعُمَّال، جزء:8، جلد:4، صفحہ:219، حديث:23702ملتقطًا۔
3... حاشيہ شيخ زاده على تفسير بيضاوى، پاره:12، سورۀ هود، زير آيت:105، جلد:4، صفحہ:698 خلاصةً۔

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي قيامت تائين اچڻ وارا سڀئي ماڻھو جيڪي گڏ ٿيندا، انهن جا 2 ئي گروھ ھوندا، ھڪ اھي جيڪي بدبخت آھن، ٻيا اھي جيڪي سعادتمند آھن. انهن جو الڳ الڳ انجام ڇا ٿيندو؟ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَاَمَّا الَّذِیْنَ شَقُوْا فَفِی النَّارِ لَهُمْ فِیْهَا زَفِیْرٌ وَّ شَهِیْقٌۙ﴿۱۰۶﴾ (سيپارو: 12، ھود: 106) | ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ جيڪي بدبخت ھوندا اھي ته دوزخ ۾ ھوندا، اھي ان ۾ گڌھ وانگر ھينگندا. |

يعني جن تي بدبختي غالب اچي وئي ۽ انهن لاءِ جهنم جو فيصلو ڪري ڇڏيو ويو ته اھي جهنم ۾ رهندا ۽ جهنم ۾ انهن جو حال ھي ٿيندو ته اھي گڌھ وانگر ھينگندا. (1)

اللهُ اڪبر! الله پاڪ اسان کي ھن حالِ بيحال کان محفوظ فرمائي.

| | |
|---|---|
| بروزِ قِیامَت ہو ایسی عِنایت | رہوں پُل پہ ثابِت قدم یاالٰہی! |
| جَلا دے نہ نارِ جہنم کرم ہو | پئے بادشاہِ اُمَم یاالٰہی! |
| گناہوں کی عادت بڑھی جا رہی ہے | کرم یاالٰہی! کرم یاالٰہی! (2) |

قيامت جي ڏينهن ٻئي قِسم جا ماڻھو جيڪي سعادتمند ھوندا، انهن جو انجام ڇا ٿيندو؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اَمَّا الَّذِیْنَ سُعِدُوْا فَفِی الْجَنَّةِ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَؕ عَطَآءً غَیْرَ مَجْذُوْذٍ﴿۱۰۸﴾ (سيپارو: 12، ھود: 108) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اھي جيڪي خوش نصيب ھوندا سي جنّت ۾ ھوندا. ھميشه ان ۾ رهندا جيستائين آسمان ۽ زمين رهندا پر جيڪو تنهنجو رب گھري. ھيءَ اھڙي بخشش آھي جيڪا ڪڏھن ختم نه ٿيندي. |

يعني جيڪي سعادت مند ھوندا، اھي ھميشه ھميشه جنت ۾ رهندا ۽ ڪجھ اھي گنهگار مسلمان جيڪي پنهنجي گناھن جي ڪري ڪجھ عرصو جهنم

---

1... تفسير صراط الجنان، پاره:12، سورۂ ھود، زير آيت:106، جلد:4، صفحہ:498۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:111۔

۾ رهندا، وري انهن کي بہ جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. هي الله پاڪ جي عطا، ان جي عنايت ۽ رحمت آهي جيڪا ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي. [1]

## سعادت مند جون نشانيون

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن مبارڪ آيتن مان اسان کي سکڻ لاءِ ملي ٿو تہ ڪامياب اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن سعادت مند هوندو، جيڪو سعادت مند ناهي، شقي آهي، بدبخت آهي، اهو جهنم جو حقدار ٿي ويندو. الله پاڪ اسان کي اهڙي محرومي کان محفوظ فرمائي، رمضان ڪريم تشريف ڪڻي آيو، اسان کي گهرجي تہ هن مبارڪ مهيني جي برڪت سان پاڻ کي سعادت مند ماڻهن ۾ داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. سعادت مند ڪير هوندو آهي؟ اهڙي خوش بخت ٻانهي جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟ هي اسان ٻڌي ونون ٿا ۽ ٻڌي ڪري اسان کي ڪوشش ڪرڻي آهي تہ اهي نشانيون، اهي سعادت مندن وارا انداز اختيار ڪري اسان بہ پاڻ کي سعادتمند ماڻهن ۾ شامل ڪريون.

## (1): نيڪي جي محبت

سعادت مند ٻانهي جي پهرين نشاني هي آهي تہ ان کي نيڪ ڪمن جي محبت عطا ڪئي ويندي آهي. صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئاسين، ايتري ۾ هڪ شخص آيو، هن جڏهن اسان کي ڏٺو تہ پنهنجي سواري تان لٿو ۽ پيادل هلندي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان 9 ڏينهن جي فاصلي تان آيو آهيان پر آيو اهڙي طرح آهيان جو مون هي رستو 6 ڏينهن ۾ طئي ڪيو، مان ڏينهن جو پياسو رهيس ۽ راتين جو جاڳندو رهيس(ايئن مون تيزي سان سفر ڪيو تہ جيئن جلد کان جلد اوهان جي خدمت ۾ پهچي وڃان، يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم!) منهنجي اچڻ جو مقصد اصل ۾ 2 سوال آهن، جن منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي، بس مان انهن جا جواب چاهيان ٿو.

---

1... تفسير صراط الجنان، پاره:12، سورة هود، زير آيت:108، جلد:4، صفحہ:501 خلاصتاً۔

پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان خوش نصيب مسافر جو نالو پڇيو، چيائين: أَنَا زَيْدُ الْخَيْلِ يعني مان گهوڙي وارو زيد آهيان. رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بَلْ أَنْتَ زَيْدُ الْخَيْرِ (يعني تون گهوڙي وارو زيد نه) بلڪ ڀلائي وارو زيد آهين. پوءِ فرمايائون: پڇ ڇا پڇڻو اٿئي؟ هاڻي ان صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ 2 انوکا سوال پڇيا، عرض ڪيائين: (1): هڪ اهو ٻانهو آهي جيڪو الله پاڪ کي پسند آهي، ان جي نشاني ڪهڙي آهي (2): ۽ ٻيو هي ته اهو ٻانهو جنهن کي الله پاڪ پسند نه فرمائي، ان جي نشاني ڪهڙي آهي.

هي 2 انوکا سوال هئا، قربان وڃجي! غيب جون خبرون ڏيڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علم تي، جهڙا سوال انوکا هئا، پاڻ جواب به نرالا ئي عطا فرمايا، ارشاد فرمايائون: اي زيد! تو صبح ڪهڙي ڪيفيت ۾ ڪئي هئي؟ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! صبح جڏهن ٿي ته منهنجي ڪيفيت اها هئي ته ۞ منهنجي دل ۾ نيڪي ۽ نيڪ ماڻهن جي محبت هئي ۞ منهنجي دل چاهيو ٿي ته مان نيڪ ڪم ڪريان ۞ پوءِ جيڪا نيڪي مون کان رهجي وئي، جيڪا مان نه ڪري سگهيس، مون کي ان تي ڏک ٿيو ۞ ۽ جيڪا نيڪي مان ڪري سگهيس، چاهي اها ٿوري هئي يا گهڻي، مون کي ان تي ثواب ملڻ جو يقين ٿي ويو.

(يعني هي ڪل 3 ڪم آهن: (1): نيڪي سان ۽ نيڪ ماڻهن سان محبت (2): نيڪ ڪم ڪرڻ جي چاهت (3): جيڪڏهن ڪا نيڪي نه ٿي سگهي ته ان تي ڏک ٿيڻ). رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت زيد الخير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو جواب ٻڌي فرمايو: هِيْهِ! هٰذِهٖ عَلَامَةُ اللهِ فِيْمَنْ يُرِيْدُ يعني ها! ائين ئي ڳالهه آهي، اها ئي ان شخص جي نشاني آهي جنهن کي الله پاڪ پسند فرمائيندو آهي ۽ الله پاڪ جي ناپسنديده ٻانهي جي علامت هيءَ آهي ته

جيڪڏهن تو سان ڀلائي جو ارادو نہ ڪيو وڃي ها تہ توهان جي لاءِ ان جي ابتڙ ڪم آسان ٿي وڃن ها، وري الله پاڪ کي ڪجهہ پرواهہ نہ هئي تہ تون ڪهڙي واديءَ ۾ هلاڪ ٿين ٿو. [1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: الله پاڪ جو پسنديده ٻانهو، نيڪ ۽ سعادت مند ٻانهو اهو آهي جنهن ۾ هي 3 نشانيون هجن (1): اهو نيڪي سان بہ محبت ڪندو هجي ۽ نيڪ ماڻهن سان بہ محبت ڪندو هجي (2): اهو صرف نيڪوڪارن جي تعريف ڪرڻ تي ئي نہ رهندو هجي بلڪ پاڻ بہ نيڪ بڻجڻ جي چاهت رکندو هجي (3): ۽ ٽئين ڳالهہ تہ جيڪڏهن الله نہ ڪري ڪنهن سبب جي ڪري هو نيڪي نہ ڪري سگهي تہ ان کي ان محرومي تي ڏک بہ ٿيندو هجي. هي سعادت مند ٻانهو آهي.

## هڪ مختصر نصيحت

الله پاڪ اسان کي بہ نيڪي جي محبت نصيب فرمائي ۞ اسان جي دل ۾ نمازن جو شوق هجي ۞ روزن رکڻ جو شوق هجي ۞ تلاوت ڪرڻ جو شوق هجي ۞ ذِڪر و درود جو شوق هجي، يقين مڃيو! هي شوق نصيب ٿي وڃي تہ قسمت چمڪي پوندي. امام حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڏا وليُّ الله ٿي گذريا آهن، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان ڪنهن پڇيو: سائين! مون کي نصيحت فرمايو! پاڻ هڪ مختصر نصيحت ڪئي، فرمايائون: أَعِزَّ أَمْرَ اللهِ حَيْثُمَا كُنْتَ يُعِزُّكَ اللهُ يعني تون جتي بہ هجين، الله پاڪ جي احڪامن کي عزيز رک! الله پاڪ توکي عزت سان نوازيندو. [2] حضرت دائود رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نالي هڪ بزرگ فرمائو ٿو: نيڪ ڪم متقي ٻانهي جي خواهش هوندي آهي، جيڪڏهن هو مڪمل طور تي دنيا ۾ ٻڏل هجي تہ بہ هڪ نہ هڪ ڏينهن سندس اها سٺي نيت (يعني نيڪ ڪم جي رغبت) کيس نيڪ ٻاٽائي ئي ڇڏيندي آهي. [3]

---

1... السنة لابن ابی عاصم، جلد: 1، صفحہ: 296، حديث: 424۔
2... تبصرة الغافل، الباب الثالث عشر فی علامة السعادة...الخ،صفحہ:291۔
3...جامع العلوم والحکم، الحديث الاول، صفحہ:21۔

## صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم ۾ نيڪي جي محبت

اڄڪلهہ اسان وٽ تہ حالتون ڪجهہ ابتيون آهن، اسان جي دل ۾ دنيا جي محبت آهي، اسان پنهنجو ۽ ٻين جو مقابلو پئسي ڏوڪڙ، عزت ۽ شهرت وغيره ۾ ڪندا آهيون، فلاڻو ايترن پئسن وارو آهي، فلاڻو ايترو مشهور ۽ معروف آهي ۽ اسان جيڪي شوق پاليندا آهيون اهي بہ اهڙا ئي هوندا آهن، مون وٽ مال هجي، دولت هجي، بينڪ بيلنس هجي، گاڏي هجي، بنگلو هجي، عام طور تي ماڻهن جا جيڪي وڏا وڏا خواب هوندا آهن، اهي اهڙي ئي قسم جا هوندا آهن بلڪ اسان وٽ تہ ڪامياب ان کي سمجهيو ويندو آهي جيڪو وڌيڪ پئسن وارو هجي يا وڌيڪ مشهور هجي.

ان جي ابتڙ صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم جو مبارڪ انداز ڏسو! هي ماڻهو نيڪين جو شوق رکڻ وارا هئا. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم وٽ نيڪ ڪمن ۾ مسابقا ٿيندا هئا (يعني هڪ ٻئي سان نيڪين جا مقابلا ڪيا ويندا هئا تہ ڪير وڌيڪ نيڪيون ڪري ٿو). تمام مشهور روايت آهي، هڪ ڏينهن اهي صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم جن وٽ دنياوي مال گهٽ هو، اهي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ذَهَبَ أَهْلُ الدُّثُورِ بِالأُجُورِ يعني مالدار اسان کان وڌيڪ اَجر کٽي ويا. پڇيائون: اهو ڪيئن؟ عرض ڪيائون: هو بہ نماز پڙهن ٿا، اسان بہ نماز پڙهون ٿا، هو بہ روزا رکن ٿا، اسان بہ روزا رکون ٿا، ان سان گڏوگڏ (جيئن تہ هو مال وارا آهن تہ) راهِ خدا ۾ صدقو ڪن ٿا (پر اسان اها نيڪي ڪري نٿا سگهون). ان تي رسولِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ذڪرُ اللّٰه جي ڪثرت جو ذهن ڏنو ۽ فرمايو تہ تسبيح پڙهڻ، اللّٰه اڪبر چوڻ، اَلْحَمْدُلِلّٰه! چوڻ بہ صدقو آهي (توهان ائين صدقي جو ثواب ڪمائيندا ڪيو!).[1]

---

1... مسلم، كتاب الزكاة، باب بيان ان اسم الصدقة...الخ، صفحہ:362، حديث:1006۔

ڏسو! نيڪين سان ڪهڙي ڪمال محبت آهي...!! الله پاڪ اسان کي بہ اهڙي محبت نصيب فرمائي ۞نيڪ ڪمن جا فضائل پڙهو! ۞ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب آهي: جنّت ميں لے جانے والے اعمال. ان ۾ نيڪ ڪمن جا فضائل ۽ فائدا بيان ڪيا ويا آهن، ان کي پڙهو! ۞نيڪ ماڻهن جي خدمت ۾ ويهڻ جي عادت بڻايو! ۞ نيڪيون ڪرڻ جي عادت بڻايو! ۞ ذِڪر و درود جي ڪثرت ڪيو! ان جي برڪت سان دل پاڪ ٿيندي، دل مان گناهن جي مٺي لهندي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! نيڪين جي محبت نصيب ٿي ويندي.

بھائیو! سب گناھوں سے مُنہ موڑ دو — ناطہ تم نیکیوں ہی سے بس جوڑ دو
ایک دن موت آکر رہے گی ضَرور — مجرمو! سُن لو اِس کو سمجھنا نہ دُور

## (2): نيڪ ڪمن ۾ چستي

پيارا اسلامي ڀائرو! سعادت مند جي ٻي نشاني نيڪ ڪمن ۾ چستي آهي. يعني جيڪو ٻانهو سعادت مند هجي، اهو نيڪ ڪمن ۾ سُستي نہ ڪندو آهي، غفلت نہ ڪندو آهي، نيڪين ۾ چُستي ڏيکاريندو آهي، هينئر ڪريان ٿو، سڀاڻي ڪريان ٿو، ترسي ڪريان ٿو جنهن سان ٻلائي جو ارادو ڪيو ويو هجي، اهو انهن ڪمن ۾ ناهي پوندو بلڪ نيڪي ۾ جلدي ڪندو آهي، چستي ڏيکاريندو آهي، اسان کي رمضان ڪريم سعادتن سان گذارڻو آهي تہ ان لاءِ نيڪي جي ڪم ۾ سُستي نہ ڪرڻي آهي، چستي ڏيکارڻي آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ (سيپارو: 2، البقرة: 148)

ترجموڪنزُ العرفان: پوءِ توهان نيڪين ۾ اڳيان نڪري وڃو.

هڪ ٻئي مقام تي فرمايو:

وَسَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ (سيپارو: 4، آل عمران: 133)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جي جنّت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي چوڙائي آسمانن ۽ زمين جي برابر آهي. اها پرهيزگارن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

انهن سڀورين آيتن ۾ اسان کي اهو حڪم ڏنو ويو آهي تہ اسان نيڪ ڪمن ڏانهن، جنت ڏانهن ڊوڙي پهچون، ان ۾ سستي نہ ڪريون، ان ۾ سستي نہ ڪريون.

## رمضان ڪريم ۾ هڪ اداءِ مصطفيٰ

خاص ڪري رمضان ڪريم جي متعلق تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هي ادا بيان ڪئي وئي آهي، مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ بيبي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم إِذَا دَخَلَ الْعَشْرُ أَحْيَا اللَّيْلَ، وَأَيْقَظَ أَهْلَهُ، وَجَدَّ وَشَدَّ الْمِئْزَرَ يعني جڏهن رمضان ڪريم جو آخري عشرو ايندو تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راتين جو عبادت ڪندا، پنهنجي اهلِ خانہ کي بہ جاڳائيندا ۽ عبادت ۾ خوب ڪوشش فرمائيندا ۽ هن ڪم لاءِ ڪمر بستا ٿي ويندا هئا. (1)

هي جيڪا مصطفيٰ ڪريم جي ادا آهي: نيڪ ڪمن تي ڪمر بستا ٿي وڃڻ (اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تہ هر هر لمحو ئي نيڪين ۾ گذرندو هو، هڪ سيڪنڊ جي ڪروڙين حصي لاءِ بہ اتي تہ مَعَاذَاللّٰه! سستي جو تصور بہ نٿو ٿي سگهي، وري بہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماهِ رمضان ۾ عبادت تي ڪمر بستا ٿي ويندا هئا، تہ) هي ادا اسان کي بہ اختيار ڪرڻي آهي.

## رمضان ڪريم ۾ غفلت کان بچو

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ان ذات جو قَسم! جنهن جي نالي جو قسم کنيو ويندو آهي، بيشڪ توهان تي هڪ بهترين مهينو ڇانوَ ڪرڻ وارو آهي، هي اهو مهينو آهي جو مسلمانن وٽ ان کان بهتر مهينو ناهي ايندو ۽

1...مسلم، كتاب الاعتكاف، باب الاجتهاد فى العشر...الخ، صفحہ:429، حديث:1174۔

منافقن وٽ ان کان وڌيڪ نقصان ڏيندڙ مهينو ڪڏهن به ناهي ايندو. پوءِ پياري نبيءِ، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي هن فرمانِ عالي شان جي وضاحت ڪندي فرمايو: بيشڪ جڏهن ماهِ رمضان ايندو آهي ته مسلمان پنهنجي قوت کي عبادت لاءِ گڏ ڪري وٺندو آهي جڏهن ته منافق پنهنجي مٿان غفلت ويڙهي وٺندو آهي، بس هي مهينو مسلمانن لاءِ غنيمت ۽ منافقن لاءِ بار (Burden) آهي. (1)

اَلْحَمْدُلِلّٰه! رمضان ڪريم جي آمد ٿيندي آهي ته مسجدن ۾ رونق لڳي ويندي آهي، تلاوت ڪرڻ وارن ۾ به واڌارو ٿي ويندو آهي، عبادت گذارن ۾ به واڌارو ٿي ويندو آهي، اهي ماڻهو جيڪي پورو سال نمازن ڏانهن نه ايندا آهن، انهن کي به هدايت ملندي آهي، اهي به مسجدن ڏانهن وڌندا آهن. البت ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد آهي جيڪي رمضان ڪريم ۾ به غفلت جي چادر ويڙهي رکندا آهن، رمضان ڪريم ۾ به مسجدن جو رخ نه ڪندو آهي، الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪيون ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، اسان منافقن وارن ڪمن کان بچون، نيڪيون ڪريون ۽ نيڪ ٻانهن جي پيروي اختيار ڪريون.

نصیب تیرے کرم سے چمک اُٹھا یارَبّ! | جہاں میں پھر مہِ رمضان آگیا یارَبّ!
ہے لاکھ لاکھ ترا شکر پھر دیا رمضان | کرم سے ذوقِ عبادت بھی ہو عطا یارَبّ! (2)

## رمضان شريف جي بي حرمتي جو وبال

پيارا اسلامي ڀائرو! هتان کان اسان ٿورو غور ڪيون ته اسان کي ترغيب ته هي ڏياري پئي وڃي آهي ته رمضان ڪريم ۾ نيڪي نه ڪرڻ ته پري جي ڳالهه، ان ۾ سستي جو مظاهرو به ناهي ڪرڻو، نيڪي ڪرڻي آهي ۽ چستي سان، 10 منٽ ترسي ڪري ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي بجاءِ جلد کان جلد ڪرڻ

1... موسوعہ ابن ابی الدنیا ، فضائل شہر رمضان ،جلد:1،صفحہ:365،حدیث:16ملتقطًا۔

2... وسائل فردوس ،صفحہ:26۔

جي ڪوشش ڪرڻي آهي، ٻئي طرف اسان جو حال بيحال ٿيءُ آهي جو هزارين ماڻهو هوندا، جن جون ماهِ رمضان جون راتيون بہ گناهن ۾ گذري وينديون آهن. هي انتهائي محرومي جي ڳالهہ آهي. علامہ اِبن جوزي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون وٽ جبرائيلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيامت جي ڏينهن هڪ نوجوان کي آندو ويندو، اهو غمگين هوندو، روئي رهيو هوندو، فرشتا ٻاهہ ۾ لوهہ جي سيخن (Iron Rods) سان ان کي هڪلي رهيا هوندا، اهو نوجوان هڪ هزار سالن تائين الامان! الامان! پڪاريندو رهندو پر ان کي امان نہ ڏنو ويندو، وري ان نوجوان کي هڪ هزار سالن کان پوءِ ربّ قهار جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويندو، الله پاڪ عذاب جي فرشتن کي حڪم ڏيندو تہ ان کي اونڌو جهنم ۾ اڇلائي ڇڏيو! حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام جو هي بيان ٻڌي حضور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي جبرائيل (عَلَيۡهِ السَّلَام)! اهو ڪير هوندو؟ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اوهان جو هڪ اُمتي هوندو. فرمايائون: ان جو گناهہ ڪهڙو آهي؟ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اهو بد نصيب آهي، جنهن جي زندگي ۾ رمضان ڪريم تہ تشريف ڪٺي آيو پر توبہ و استغفار جي بجاءِ ماهِ رمضان کي گناهن ۾ گذاري ڇڏيو. (1)

الله جي پناهہ! الله جي پناهہ! اي عاشقانِ رسول! غور تہ ڪريو! رمضان ڪريم ۾ گناهہ ڪري هن مقدس مهيني جي بيحرمتي (Dis-respect) ڪرڻ ڪيترو نقصان ڏيندڙ آهي...! رمضان المبارڪ جي بيحرمتي ڪرڻ وارا ان مان عبرت وٺن، ٿورو سوچين تہ سهي...! اسان ڪيستائين هن دنيا ۾ زنده رهنداسين؟

ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے | کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

1... بستان الواعظين ، مجلس فی فضل الصيام، خسران المعاصی فی رمضان، صفحہ:188 ۔

هڪ ڏينهن ملڪُ الْمَوت حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام تشريف آڻيندا، اسان جو مال، اسان جي دولت، اسان جا رشتا (Relatives)، اسان جي اولاد، دوست احباب، ڪجهه بہ ڪم نہ ايندو، سڀ ڏسندا رهجي ويندا، هاءِ! اسان جي جسم مان روح ڪڍيو ويندو، پوءِ غسال کي گهرايو ويندو، ڪفن پهرايو ويندو، افسوس! صد ڪروڙ افسوس! پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي نمازِ جنازه ادا ڪري اسان کي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو ۞ الله نہ ڪري! الله نہ ڪري! جيڪڏهن اسان ماهِ رمضان جون راتيون گناهن ۾ گذاري ۞ فضوليات ۾ مشغول رهي رمضان ڪريم جي بيحرمتي ڪئي هوندي ۞ جيڪڏهن ربّ ناراض ٿي ويو ۞ ان جي سبب قبر ۾ اسان جي پڪڙ ٿي وئي ۞ قيامت جي ڏينهن گرفت ٿي وئي تہ ٿورو سوچيو! اسان جو ڇا بڻجندو؟ ۞ الله نہ ڪري الله پاڪ جي رحمت نہ ملي ۞ شافعِ محشر، سلطانِ بحر و بر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت کان محروم رهجي وياسين تہ ڇا ڪنداسين؟

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی
ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یاربّ!
عَفْو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یاربّ! (1)

اي عاشقانِ رسول! اڄا موقعو آهي، رمضان ڪريم بيهر تشريف ڪڻي آيو آهي، زندگي ۾ ڪڏهن رمضان ڪريم جي بيقدري ٿي آهي، بي ادبي ٿي وئي آهي تہ اڄ ئي توبھ ڪري ونو ۽ پڪي نيت ڪري وٺون تہ۞هن رمضان ڪريم جي خوب قدر ڪنداسين۞ ماهِ رمضان ڪريم جي بي ادبي کان بچنداسين ۞ سڀ روزا رکنداسين ۞ پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪنداسين ۞ خوب تلاوت ڪنداسين ۞ رمضان ڪريم ۾ گناهن کان بچڻ

1... وسائل بخشش،صفحہ:85 ملتقطاً۔

جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ۞ غيبت بہ نہ ڪنداسين ۞ چغلي بہ نہ هٽنداسين ۞ ٻين کي تڪليف بہ نہ ڏينداسين ۞ بس پورو ماهِ رمضان نيڪين ۾ ۞ عبادت و رياضت ۾ ۞ عاجزي سان توبهہ و استغفار ڪندي گذارينداسين. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! وڏيون برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3): وقت جي قدر ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! سعادتمندي جي ٽئين نشاني وقت جي قدر ڪرڻ آهي. يعني جيڪو شخص سعادت مند هوندو آهي، اهو پنهنجو وقت فضول ڪمن ۽ گناهن واري ڪمن ۾ ضايع ناهي ڪندو، پر پنهنجي وقت جي قدر ڪندو آهي ۽ پنهنجي هر ايندڙ لمحي کي گذريل کان بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَلسَّعَادَةُ كُلُّ السَّعَادَةِ طُوْلُ الْعُمُرِ فِيْ طَاعَةِ اللهِ يعني مڪمل سعادت اها آهي تہ ٻانهي جي عمر ڊگهي هجي ۽ هو ان کي الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ گذاري ڇڏي. (1)

يعني ٻانهي وٽ وقت وڏيڪ هجي ۽ هو هڪ لمحو بہ ضايع نہ ڪري پر پنهنجو وقت نيڪين ۾ گذاريندو رهي، اهڙو شخص تمام گهڻو سعادت مند آهي، ڇو تہ اهو وڏيڪ کان وڏيڪ نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. اسان کي بہ گهرجي تہ اسان وقت جي قدر ڪرڻ سکون. هاڻي رمضان ڪريم جون گهڙيون آهن، هي مهمان مهينو آهي، ايندڙ سال اسان رمضان ڪريم کي ڏسي سگهنداسين يا نہ، ان جي اسان وٽ ڪا گارنٽي ناهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ سعادت مند بڻجون ۽ انهن مبارڪ گهڙين جي قدر ڪريون، وڌ کان وڌ وقت نيڪين ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريون.

1... مسند فردوس، باب السين، جلد:2، صفحه:346، حديث:3566۔

## نيڪ ماڻھوءِ وقت جي قدر

اسان جا بزرگانِ دين وقت جي ڪھڙي انداز ۾ قدر ڪندا ھئا، ٻڌو! حضرت عثمان باقِلّاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪثرت سان ذڪر الله ڪندا ھئا، پاڻ فرمائن ٿا: افطار جو وقت مون تي تمام ڳرو ھوندو آھي، مون کي ائين لڳندو آھي ڄڻ ھاڻي روح نڪري ويندو. (ڪين ائين ڇو لڳندو ھو، ٿورو توجھ سان ٻڌو! فرمائن ٿا) ڇو تہ افطار تہ ڪرڻو ئي آھي، ان ڪري ڪجھ نہ ڪجھ کائڻو پوندو آھي ۽ ان دوران مان ذڪر الله کان محروم رھجي ويندو آھيان. (1)

الله اڪبر! ڇا شان آھي...!! اندازو لڳايو! ھي نيڪ ماڻھو وقت جا ڪيترا قدردان ھئا، ڪجھ گھڙيون ۞ فضول ڪمن ۾ نہ ۞ گناھن واري ڪمن ۾ نہ ۞ ڪرڪيٽ کيڏندي ۞ گھٽيون بازارون گھمندي ۞ موبائيل ھلائيندي ۞ سوشل ميڊيا وغيره تي فضول ڪمن ۾ رُڌل ۞ فيس بڪ تي فضول ۾ اسڪرولنگ ڪندي ۞ اجايون پوسٽون پڙھندي، غير ضروري بلڪ گناھن وارا وڊيوز ڏسندي ۞ دنيا ڀر جا خبرنامہ ٻڌندي نہ بلڪ افطار جي وقت کاڌو کائيندي ذڪر الله کان محروم رھجي وڃڻ تي ڪين ايترو ڏک ٿيندو ھو. ٻئي طرف اسان جو حال بيحال آھي، اسان جا ڪيترائي ڪلاڪ فضول ڪمن ۾ بلڪ گناھن واري ڪمن ۾ گذري ويندا آھن ۽ اسان کي ان جي فڪر تائين ناھي ٿيندي، اسان کي احساس تائين ناھي ٿيندو تہ اسين پنھنجو ڪيترو قيمتي سرمايو ضايع ڪندا پيا وڃون.

## قيمتي ترين خزانو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا ھي قيمتي لمحا بہ انمول ھيرا آھن، ان ڪري انھن جي قدر ڪريو! علامہ اِبن جوزي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تمام وڏا عالم دين ٿي گذريا آھن، ھڪ دفعي پاڻ پنھنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايائون: پٽ! ڄاڻي وٺو! ھي ڏينھن گھڙين جو مجموعو آھن ۽ گھڙيون ساھن جو مجموعو آھن، ان ڪري ھر ساھ ھڪ قيمتي خزانو آھي، پٽ...!! بچجانءِ جو تنھنجا

---

1... قيمة الزمن عند العلماء، نماذج رائعة من المحافظة...الخ، صفحہ:104۔

هي ساھ اجايا نہ گذري وڃن، نہ تہ قيامت جي ڏينھن تنھنجو خزانو خالي ھوندو ۽ تون شرمسار رھجي ويندين. (1)

وَالْوَقْتُ اَنْفَسُ مَا عُنِيتَ بِحِفْظِهٖ | وَاَرَاهُ اَسْهَلَ مَا عَلَيْكَ يَضِيعُ(2)

مفھوم: يعني وقت ھڪ نفيس ترين شيءِ آھي جنھن جي حفاظت جو توکي پابند ڪيو ويو آھي جڏھن تہ مان ڏسي رھيو آھيان تہ اھا ئي شيءِ تنھنجي وٽ سڀ کان وڌيڪ آساني سان ضايع ٿي رھي آھي.

## خلاصءِ ڪلام

ڪلام جو خلاصو ھي آھي تہ قيامت جي ڏينھن ماڻھو 2 ئي قسم جا ھوندا:

فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَّ سَعِيْدٌ ﴿۱۰۵﴾ (سيپارو: 12، ھود: 105) | ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ انھن مان ڪو بدبخت ھوندو ۽ ڪو خوش نصيب ھوندو.

يعني ھڪ بدبخت ۽ ٻيو سعادتمند. بدبخت جھنم ۾ ويندا ۽ سعادتمندن کي جنت نصيب ٿيندي، اسان کي ڪوشش ڪرڻي آھي تہ سعادت مند بڻجون. سعادت مند ٻانھي جون مختلف نشانيون آھن، مثلاً ۞ جيڪو سعادت مند ھجي، اھو نيڪين سان محبت ڪندو آھي ۞ اھو نيڪ ڪم ڪرڻ ۾ سستي ناھي ڏيکاريندو، چُست رھندو آھي ۞ اھو وقت جي قدر ڪندو آھي، فضول ڪمن ۽ گناھن واري ڪمن ۾ وقت ضايع ناھي ڪندو ۞ اھڙي طرح دل جي عاجزي ۽ انڪساري ۞ اولياء اللّٰہ جي محبت ۞ اللّٰہ پاڪ کان نيڪ گمان رکڻ ۞ مسلمانن جي خير خواھي (يعني ڀلائي چاھڻ) ۞ گناھن کان بچڻ ۞ ۽ اللّٰہ پاڪ جي رضا ۾ راضي رھڻ وغيره بہ سعادت مند ٻانھي جي علامتن مان آھن. اسان کي گھرجي تہ انھن ڳالھين جو لحاظ رکي، سنتي طريقي سان رمضان ڪريم گذارڻ جي ڪوشش ڪريون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪُوڙ

1...قيمة الزمن عند العلماء، ابن الجوزى، كل نفس خزانة...الخ، صفحه:106-107۔
2... قيمة الزمن عند العلماء، الوقت اعلى مملوك...الخ، صفحه:261۔

برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيبي خاتونِ جنت رَضِىَ اللهُ عنها جو ذڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! 3 رمضان ڪريم يومِ خاتونِ جنت آهي. يعني ۞ 3 رمضان ڪريم الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري شهزادي ۞ سيدهء ڪائنات ۞ خاتونِ جنت ۞ حضرت سيده فاطمةُ الزهراء ۞ طيبہ ۞ طاهره ۞ عابده ۞ زاهده رَضِىَ اللهُ عَنْهَا جو يومِ وصال آهي. [1] ان مناسبت سان اچو! آخر ۾ سيده خاتونِ جنت رَضِىَ اللهُ عَنْهَا جو ذڪرِ خير بہ ڪري وٺون ٿا.

هڪ قول جي مطابق سيده خاتونِ جنت رَضِىَ اللهُ عَنْهَا جي ولادتِ باسعادت اعلانِ نبوت کان 5 سال پهريان ٿي. [2] (1): پاڻ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا جو پاڪ نالو فاطمہ الله پاڪ رکيو. جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ منهنجي ڌيءُ جو نالو الله پاڪ فاطمہ رکيو چو تہ ان کي الله پاڪ جهنم کان پري ڪري ڇڏيو آهي. [3] (2): ۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي: ان جو نالو فاطمہ رکيو ويو چوتہ الله پاڪ ان کي ۽ ان سان عقيدت رکڻ وارن کي دوزخ کان آزاد ڪيو آهي. [4]

جو جانا خُلد میں ہو پائے زہرہ سے لپٹ جاؤ
جسے کہتے ہیں جنت مُلک ہے خاتونِ جنت کا [5]

---

1...طبقات الکبریٰ، رقم:4097، فاطمہ بنت رسول اللہ صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَ آلہٖ وَ سَلَّم ، جلد:8، صفحہ:23۔
2...امتاع الاسماع، فصل فی ذکر بنات رسول اللہ صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَ آلہٖ وَ سَلَّم، جلد:5، صفحہ:351۔
3... مسند الفردوس، ذکر فصول آخر عبارۃ شتی من باب الالف، جلد:1، صفحہ:346، حدیث:1385۔
4... کَنْزُ الْعُمَّال، کتاب الفضائل، فصل فی اہل بیت، جز:12، صفحہ:50، حدیث:34222۔
5... دیوان سالک، صفحہ:33۔

سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جا تمام گهڻا فضائل آهن. بخاري شريف ۾ آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي سردار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هِیَ بَضْعَةٌ مِنِّی يُرِيبُنِی مَا اَرَابَهَا وَيُؤْذِينِی مَا آذَاهَا فاطمہ منهنجي جسم جو ٽڪڙو آهي، جيڪا ڳالهہ کين بري لڳي مون کي بہ بري لڳندي آهي ۽ جيڪا شيءِ کين تڪليف ڏي مون کي بہ تڪليف ڏيندي آهي. (1)

2 سنِ هجري جو حضرت فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جو نڪاح مولا علي شير خدا ڪَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْڪَرِيْم سان ٿيو ۽ ان ئي سال رخصتي ٿي. (2) پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي گهر 3 پٽن ۽ 3 ڌيئرن جي ولادت ٿي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي پٽن جا نالا آهن: ۞ حَسن ۞ حُسَين ۞ مُحسن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم. ۽ ڌيئرن جا مبارڪ نالا آهن: ۞ زينب ۞ اُمِ ڪُلثوم ۞ رقيہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُن. (3)

سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جو وصالِ ظاهري سرڪارِ عالي وقار، مالڪ و مختار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري جي 6 مهينن کان پوءِ 3 رمضان ڪريم 11 هجري جو ٿيو. (4) سندن پاڪ مزار جنتُ البقيع ۾ آهي. (5) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم-

## فرشتا چڪي پيهڻ حاضر ٿيا

حضرت اُمِّ ايمن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا فرمائن ٿيون: هڪ دفعو سخت گرمي جا ڏينهن هئا، رمضان ڪريم جو مهينو هو ۽ منجهند جو وقت هو، مان خاتونِ جنت سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي گهر ويس، دروازو بند هو ۽ اندر مان چڪي هلڻ جو آواز اچي رهيو هو.

---

1... بخارى، كتاب النكاح، باب ذب الرجل عن ابنته...الخ، صفحه:1344، حديث:5230۔
2... سير اعلام النبلاء، رقم:114، فاطمه بنت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آله وَ سَلَّم، جلد:3، صفحه:425۔
3... الاكمال مع مرقاة المفاتيح، جلد:11، رقم: 718، فاطمة الكبرى، صفحه:87۔
4... شرح الزرقانى، الفصل الثانى فى ذكر اولاد الكرام، جلد:4، صفحه:336۔
5... طبقات الكبرى، رقم:4097، فاطمه بنت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آله وَ سَلَّم ، جلد:8، صفحه:25۔

پهرين دور ۾ داڻا پيهي اٽو ٺاهڻ لاءِ پٿر جي چڪي هوندي هئي ۽ ان کي هٿ سان هلايو ويندو هو، چڪي هلڻ جو آواز اچڻ جو مطلب هي هو ته سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا گهر ۾ موجود آهن ۽ چڪي هلائي رهيون آهن پر معاملو ان جي ابتڙ هو، جيئن ته دروازي جي سوراخ مان حضرت اُمِّ اَيمن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جي نگاهہ اندر پئي ته ڏسي حيران رهجي ويون ته چڪي هلي رهي آهي، ان ۾ داڻا پيسيا پيا وڃن، ان سان گڏ حسنينِ ڪريمين (امام حسن و امامِ حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہما) پينگهي ۾ آرام فرما آهن ۽ انهن جو پينگهو بہ لُڏي رهيو آهي پر سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا چڪي جي ويجهو ئي زمين تي آرام فرما (يعني ستل) آهن. حضرت اُمِّ اَيمن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا فرمائن ٿيون: هي معاملو ڏسي مون کي وڏي حيراني ٿي: چڪي خود بخود ڪيئن هلي رهي آهي؟ حسنينِ ڪريمين رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہما جو پينگهو خود بخود ڪيئن هلي رهيو آهي؟ مان پنهنجي هن تعجب جو حل معلوم ڪرڻ لاءِ غيب ڄاڻڻ واري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بابرڪت خدمت ۾ حاضر ٿيَس ۽ ٻڌايم: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! سيده تہ آرام فرمائي رهيون آهن پر چَڪي بہ هلي رهي آهي، پينگهو بہ لُڏي رهيو آهي؟ آخر هي معاملو ڇا آهي؟ پياري آقا و مولا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي اُمِّ اَيمن! سخت گرمي آهي، رمضان آهي، فاطمہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا) روزو رکيو آهي، الله پاڪ فاطمہ تي ننڊ غالب ڪري ڇڏي تہ جيئن ڪجهہ دير آرام ڪري وٺي ۽ انهن کي گرمي جي شدت محسوس نہ ٿئي ۽ فرشتن کي موڪلي ڇڏيو جيڪي چڪي هلائي رهيا آهن ۽ پينگهو لوڏي رهيا آهن. (1)

وہ خاتونِ جَنّت معصوم حُوریں باندیاں جن کی
مَلَک جَنّت سے آکر پیستے تھے چکیاں جن کی

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي خاتونِ جنت رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جي...!! الله پاڪ جي انهن تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي ۽ سندن صدقي اسان کي ڪثرت سان عبادت

1... سفينہ نوح، حصہ: دوم، صفحہ:35۔

ڪرڻ، پورو ماهِ رمضان نيڪ ڪمن ۾ گذارڻ، عبادت ۾ ثابت قدم رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لله دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن بنام فيضانِ حديث ***App Store*** ۽ ***App Store*** تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ اوهان کي حديث پاڪ جون مشهور ڪتابون مثلاً ۞ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي اردو شرح مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ۞ أَرْبَعِيْنِ نَوَوِيَّه اردو ترجمي و شرح سان ۞ رِيَاضُ الصَّالِحِين اردو ترجمي و شرح سان ۞ أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ۞ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) ۞ اَنْوَارُ الْحَدِيْث (اردو) شامل ڪيون ويون آهن ۞ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان اوهان احاديثِ ڪريمه کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهربل موضوع جو به مطالعو ڪري سگهو ٿا ۞ سرچ آپشن جي مدد سان مڪمل ڪتاب يا هڪ جلد ۾ مختلف لفظن يا مڪمل جملن جي ذريعي سرچنگ جي سهولت به موجود آهي۞ حديثِ پاڪ جي عربي لفظن، ان جي ترجمي ۽ شرح ۾ الڳ الڳ سرچ ڪري سگهجي ٿي ۞ حديثِ پاڪ جو عربي متن اعراب سان ۽ اعراب ڪانسواءِ بنهي طرح ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ۞ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده حديثن کي Favorite ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي ۞ مختلف فائونٽس ۽ حديثون شيئرنگ جي سهولت به ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! پاڻ به حديثِ پاڪ جو فيضان حاصل ڪريو! ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ڪي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** الٽي (قي) اچڻ سان روزو نہ ٽٽندو آهي

**وضاحت:** عوام ۾ مشهور آهي تہ اُلٽي اچڻ سان روزو ٽٽي ويندو آهي. هي هڪ عوامي غلط فهمي آهي، ياد رکو! روزي ۾ پاڻمرادو ڪيتري بہ قي (الٽي) ٿي وڃي (جيتوڻيڪ بالٽي ئي ڇو نہ ڀرجي وڃي) ان سان روزو نہ ٽٽندو آهي.

### اُلٽي جي سبب روزو ٽٽڻ جون بہ صورتون:

ها! اُلٽي اچڻ جون ڪجهہ خاص صورتون آهن جنهن سان روزو ٽٽي ويندو آهي، مثلاً ۞ قي (يعني الٽي) وات ڀر آئي، جيڪڏهن ان مان هڪ چڻي جي برابر بہ واپس اندر موٽائي تہ روزو ٽٽي ويندو ۽ هڪ چڻي کان گهٽ هجي تہ روزو نہ ٽٽندو.[1] ۞اهڙي طرح جيڪڏهن اُلٽي خودبخود نہ آئي آهي بلڪ پاڻ جاڻي واڻي ڪئي، جيڪڏهن اها وات ڀر آئي تہ روزو ٽٽي ويندو جڏهن تہ روزيدار هجڻ ياد بہ هجي ۞ اهڙي طرح ڪڏهن ڪڏهن ڪٿيون اوڳرائيون ايندڙون آهن، انهن سان بہ روزو نہ ٽٽندو آهي ۞ ڪڏهن ڪڏهن ڪُٿو پاڻي ڳلي تائين اچي واپس موٽي ويندو آهي، ان سان بہ روزو نہ ٽٽندو آهي. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... فيضانِ رمضان، صفحہ: 133۔

# اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَامُقْتَدِرُ

جيڪو بہ ننڊ مان جاڳي ڪري 20 دفعا يَا مُقْتَدِرُ پڙهندو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي هر ڪم ۾ الله جي مدد شامل رهندي.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1… مدنی پنج سوره، صفحہ:255۔